SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 1985
# SINDH ACT NO.IX OF 1985
# سنڌ اسيمبلي ميمبرس (پگهارون ۽ الائونسز) (ترميم) ايڪٽ، 1985
# THE SINDH ASSEMBLY MEMBERS (SALARIES AND ALLOWANCES) (AMENDMENT) ACT, 1985

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act XXVI of 1974
3. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act XXVI of 1974
4. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 4_A جو اضافو
Insertion of section 4_A of Sindh Act XXVI of 1974
5. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act XXVI of 1974
6. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Act XXVI of 1974

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريه 1985
# SINDH ACT NO.IX OF 1985
# سنڌ اسيمبلي ميمبرس (پگھارون ۽ الائونسز) (ترميم) ايڪٽ، 1985
# THE SINDH ASSEMBLY MEMBERS (SALARIES AND ALLOWANCES) (AMENDMENT) ACT, 1985

[8 جنوري 1986]

ايڪٽ جنھن ذريعي سنڌ اسيمبلي ميمبرس (پگھارون ۽ الائونسز) ايڪٽ، 1974 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ اسيمبلي ميمبرس (پگھارون ۽ الائونسز) ايڪٽ، 1974 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ اسيمبلي ميمبرس (پگھارون ۽ الائونسز) (ترميم) ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 10 مارچ 1985 کانپوءِ اسيمبلي جي پھرين گڏجاڻي واري تاريخ کان لاڳو سمجھيو ويندو.

1974 جي سنڌ ايڪٽ

2. سنڌ اسيمبلي ميمبرس (پگھارون ۽ الائونسز)

ايڪٽ، 1974 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ۾، لفظن "هڪ هزار رپيا" لاءِ لفظ "ٻہ هزار رپيا" متبادل ٿيندا.

XXVI جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act XXVI of 1974

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 4 ۾، لفظن "پنجهتر رپيا" لاءِ لفظ "هڪ سئو ۽ پنجاهہ رپيا" متبادل ٿيندا.

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act XXVI of 1974

4.ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 4 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

"(سرڪاري مراعت جي سلسلي ۾ مالي مدد) 4_A
جتي ڪنهن ميمبر کي سيشن دوران سرڪاري مراعات ناهي ڏني وئي، ان کي ڏهاڙي تي سئو رپيا جي حساب سان مالي مدد ڏني ويندي."

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 4_A جو اضافو
Insertion of section 4_A of Sindh Act XXVI of 1974

5.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 5 جي شق (c) ۾، لفظن "پنجاهہ پئسا في ميل" لاءِ لفظ "هڪ رپيو ۽ ويهہ پئسا في ڪلوميٽر" متبادل ٿيندا.

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act XXVI of 1974

6.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 6 جي شق (b) ۾، لفظن "رپيا هڪ سئو ۽ پنجاهہ" لاءِ لفظ "پنج سئو رپيا" متبادل

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 6 جي

ٿيندا.

ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Act XXVI of 1974

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**